# پسي ڳاڙها گل

رسول بخش پليجو

11

ن.ف 152

Gul Hayat Institute

# پسي ڳاڙها گل

(ڪهاڻين جو مجموعو)

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
حيدرآباد سنڌ
جنوري ١٩٨٥ع

ڪتاب: پسي ڳاڙها گل
(ڪهاڻين جو مجموعو)

ڇپائيندڙ: بلاول لطيف

ڇپيندڙ: سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد - سنڌ

ڇاپو: پهريون

سال: جنوري ١٩٨٥ع

تعداد: ٻه هزار

قيمت: 15-00
پندرهن رپيا

Gul Hayat Institute

PASI GARHA GUL (A Colleotion of short stories)
By RASOOL BUX PALIJO
Printed at Sardar Printing Press, Hyd.
Published by Sindhi Adabi Publishing Agency,
Gadi Khato, Hyderabad - Sindh.

نالي

محروم ۽ مظلوم سجاڳ سنڌياڻين جي،
جيڪي سهڻي لطيف جي سورمين جي نقش قدم تي هلندي،
پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ،
همت ۽ سورهيائيءَ سان جاکوڙ پيون ڪن.

— رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

# فهرست


| | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ٠١ | مختصر تعارف | ١-٨ |
| ٠٢ | جتي ياھ بري | ٩-٣٨ |
| ٠٣ | پسي ڳاڙها گل | ٣٩-٧٥ |
| ٠٤ | سچ جو ڏينهن | ٧٦-٨٩ |
| ٠٥ | اڄ آکڙيا آئيا | ٩٠-١٠٨ |
| ٠٦ | وڃيو هئين تہ ويھ | ١٠٩-١١٥ |
| ٠٧ | بختاور | ١١٦-١٥٢ |


(برسات ۾ ڇپيل)

آگسٽ ١٩٨٤ع

Gul Hayat Institute

آهي.) ان ڪري آءٌ ذاتي طور تي هنن لفظن لکڻ جي لاءِ پاڻ اڳ ۾ ته پليجي کان معذرت گهرندي اِهو لکڻ ٿو گهران ته، ڪٿي به توهان مون سان اتفاق نه ڪريو ته، مون کي افسوس ڪونه ٿيندو، جو آئي آءٌ سمجهندس ته مون توهان سان انصاف نه ڪيو هوندو.

هونئن اِها آهي به هڪ حقيقت ته هن ڪتاب جي رکو مهاڳ لکڻ لاءِ به آءٌ نه ٿو سمجهان ته آءٌ موزون قابليت وارو ماڻهو آهيان. پليجو به چوي ٿو ته ”ويڙهو هئين ته، ويهه نه ته وڃيو واٽ ونءُ تون!“ پر هڪ اديب جو ادبي فرض؟

خير! خدا حافظ!

حيدرآباد، سنڌ

٢٠ ڊسمبر، ١٩٨٤ع — م. ح. عارباڻي

Gul Hayat Institute

# جتي ٻاهه ٻري

ڪتي جي ٻاٽ تي، سونا چرڪ پري، رلي منهن تان لاٿي. آهستي ڪري نغيڙي موسي جي ٽنگ پنهنجي ٽنگ تان لاهي، ان تي رلي وجهي، اونداهيءَ ۾ سنڀالي سنڀالي پير رکندي، در وٽ اچي نهار ڪيائين. ٻاهر ماڻهن جو ڊنب بيٺو هو. ماسي رحمت واري ڳالهه سچي هئي. سندس دل ٻڏي ويئي.

”خميسا، خميسا ـــ ابا آهي ڪو مڙس ماڻهو؟“

هن آواز سڃاتو. حاجي جمعي جو ڳرو، دهشت ڀريو آواز ڪير نه سڃاڻي!

”ابا، ابا،“ هن ڀڪو ڪري پٽس کي سڏيو. هلندي ديگڙي تان ٿاپو اچي ويس، ’اَلّي الله‘.

”چوري ڪٿاڙو آ؟“ خميسو ننڊ مان ٻاهوڙو ڪري اٿيو. جوٽس آمي چرڪ پري اٿي ويئي، ”هان، ڪنهن سڏ ڪيو؟“

”ٻاهر ماڙهو بيٺا آهن.“ سونا هنڌ تي ويهي رلي مٿان ڪندي چيو. سندس لڱ ساهه ڇڏيندا ويا. دل تي هٿ رکي ڏنائين، ڌڙ، ڌڙ! جهڙي ريل گاڏي.

”ڪير آن؟“

”حاجي جمو آ، پيا ته الائجي ڪير آن!“

”ڪٿاڙو ويو آهين؟ آڌين جو رُلي مٺا آهن!“

خميسي ٻڙ ٻڙ ڪري قميص وجهندي چيو ۽ پرچ هيٺان هٿوراڙيون ڏيئي پيڙيون ماچيس نهارڻ لڳو. ”پائين ڪر ڳل چاڙهيو آهي، پيو ڪٿاڙو آ!“ آميءَ چيو.

”پائم جو کهڙو ڏاڙو هيو آم؟“

Gul Hayat Institute

"نظر نٿو پوني ڪ؟ پيٺيان آهين ته جڙد مڙد!" عارب ڪيلي چيو.

"بس هاڻ اچي اجهيا آهيون. جڙديون مڙديون ويئون." هوءَ گهرا سوڻي ويئي.

"خميسا، راڄ ڪان خبرون وٺ." حاجي جمعي ڇڪانب ڪڍي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي چيو.

"ادا پڙاڻو."

"عارب ڀڙاءِ خبرون." حاجي جمعي دستور موجب اول ٻين کي آڇ ڪئي.

"نه، تون ڀڙاءِ."

"هارون ملان ڀڙاءِ خبرون. ڀڙاءِ، ڀڙاءِ."

"وريام، موسا، جانو؟"

ڀڙاءِ، ڀڙاءِ. پاڻيءَ هوندي تيم ڪونه ٿيندو."؟

"ادا، اسان جون مڙيئي خير، چاٿين سجاڻين تو ...."

هئو."

"پارن جا غلام...."

"مائٽ، چڱا مڙس!"

"اها پهر، الله ۽ الله جي رسول جي پاڙي ۾، آن يارن جي پاڙي ۾ پيا سات گذاريون. اڄ ويو هوس ٻني تي ور ڪرڻ. ٻني ٻه ماڻهن جي مالن کائي چٽ ڪري ڇڏي آهي، ڪو ٿم، ٿم وچي ڇڏڻون آهي...."

"مون ڏٺي هئي تڏهن ته پلي هئي...."

"ويئي چٽ ٿي! صفا هٿ جي تري...."

"ها، هي سمن جو مال ڪنهن کي سگهو ساهه ڪڻڻ ڪونه ڏيندو. ڇوڻ وارو ماڙهو ڪونهي...." سومار ملين چيو.

"ابا وڃ ڪنڌي ڪيري تي. انين جو ٽڙ ڏاڍو آهي. چوڌري زبردست ماڻهو آهي. ڪنهن جي ڪانه ٿي هلي." حاجي سڪئي چيو.

Gul Hayat Institute

ڏيان؟ مونجي ٻہ تہ وس ڪونهي.' آخر هن گلو صاف ڪندي چيو، ”ادا، مون ٻانجي ڏيءَ وڏي آن راڄ جي جهوليءَ ۾. جيئن وڻنا تيئن وڃي ڪهوس.“ سندس اکيون آليون ٿي ويون. ياڻس ٻوڙي اچي ڪيس ڀيرين پيو. وڏيري ڳراٽڙي وڌيس. هارون ملين، عارب ۽ جانوءَ پٽ ٿيري ڀيار سان چيس، ”شاباس، شاباس!“ سندس دل ڀرجي آئي.

اهڙيءَ طرح سونا ڄجو سگ حاجران جي پٽ رمونءَ سان ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

# سچ جو ڏينهن

دل، گردي ۽ ڦڦڙن بدلائڻ جي ڪامياب آپريشن ڪان پوءِ، دنيا جي چوٽيءَ جي سائنسدانن جي ذهنن ۾ هڪ اچا بہ انوکي ۽ انقلابي ايجاد ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو! ڇا ائين ممڪن نہ آهي تہ ڪا اهڙي دوا ايجاد ڪجي جنهن جي ڪارائڻ سان ماڻهن جو ذهن بدلجي وڃي؟

مثلاً ڪو ڪنجوس، آهي تہ ان دوا جي استعمال سان سخي ٿي پوي، ڪيدي بهادر ٿي پوي، شرابي پرهيزگار ٿي پوي وغيره؟ ڪن سائنسدانن جا خيال اچا بہ مٿي اڏامڻ لڳا. ڇو نہ سڄين قومن جون ذهنيتون هڪ ئي ڌڪ سان بدلائي ڇڏجن؟

درحقيقت ڪيترن سائنسدانن اهو ڪم لڪ ڇپ ۾ ٻي جنگ عظيم ڪان پوءِ ئي شروع ڪري ڇڏيو هو پر ڪاميابي هر ڀيري ڪانئن گسائي ٿي وئي. آخر ١٩٦٨ع جي زبردست ڪاميابين سندن راهہ مان آخري رڪاوٽون دور ڪري ڇڏيون.

— آمريڪا ۽ جرمنيءَ جي سائنسدانن اهڙا انجيڪشن تيار ڪري ورتا جن جي ڇهن مهينن جي ڪورس استعمال ڪرڻ ڪان پوءِ ماڻهن جي ذهنيتن ۾ زبردست ڦيرو اچي ويو پر انجيڪشنون مهانگيون ٿي پيون ۽ عرصو وڏيڪ درڪار هو، تنهنڪري سئٽزرليند جي مشهور نوبل پرائيز مليل سائنسدان ڊاڪٽر پال هارجورڊ جي اڳواڻيءَ هيٺ وڌيڪ تحقيقاتون ڪري نيٺ اهڙو پائوڊر تيار ڪيو ويو جو تمام سستو هو ۽ هڪدم فائدو ٿيو ٿي.

اوائلي تجربن لاءِ دنيا جي مختلف چونڊيل علائقن تي هيلي ڪاپٽرن ذريعي پائوڊر ڇٽڪارڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. اهي ٽڪرا



Gul Hayat Institute

کھڑا ھئا تنھن جي کنھن کي بہ خبر کانہ ھئي. مختلف علائقن تي مختلف ذھنيت پيدا ڪرڻ وارو پائوڊر چٽڪاريو ويو. مثلاً ڪٿي رحم ۽ قربانيءَ جو تہ ڪٿي حيا ۽ اخلاق جو تہ ڪٿي حب‌الوطني ۽ حق‌گوئيءَ جو وغيره.

اتفاق سان دنيا جي انھن ٽڪرن ۾ سنڌ کي بہ شامل ڪيو ويو ۽ مٿس رات جو سچائيءَ وارو پائوڊر چٽڪاريو ويو. ٻي ڏينھن فجر جو جيئن ئي ھاڪرن، اخبارون پھچايون، تيئن ئي پائوڊر جا اثر ظاھر ٿيڻ لڳا.

اخبارن جا ٻيا تہ سمورا صفحا پائوڊر چٽجڻ کان اڳ ۾ ڇپجي چڪا ھئا باقي ايڊيٽوريل صفحا رھجي ويا ھئا جي سڀ کان آخر ۾ ڇپيا ھئا. ھڪڙي اخبار جا سڄو وقت پنھنجي مالڪ جي حمد و ثنا ۾ مشغول ھجڻ ڪري بدنام ھئي، تنھن پنھنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکيو ھو، ”ڪيڏي نہ شرم جي ڳالھہ آھي جو اسين چند چانديءَ جي سڪن جي عيوض پنھنجو ايمان وڪڻندا رھيا آھيون ۽ وطن جي غدارن ۽ قوم‌فروشن جي شان ۾ قصيده پڙھندا رھيا آھيون! جنھن پيپور کي ٻاھہ لڳل ھجي، ان ۾ ويھي پيٽ خاطر وطن کي وماري خودمطلب چمچن جي ساراھہ جا ڍڪ ڀرڻ ڪيڏي نہ بي‌حيائي آھي!....“

ٻي اخبار جنھن جو پيشو ئي وطن دوستن تي چغليون ھڻڻ، مٿن بھتان مڙھڻ، نوجوان نسل کي خوار خراب ڪرڻ ھو ۽ جنھن بابت سڀني کي خبر ھئي تہ اھا آمريڪا جي جاسوسي کاتي جي پاڪستاني ملازم جماعت جي اثر ھيٺ آھي، تنھن لکيو: ”ڪير ٿو چئي تہ اسين ٻين کان پوئتي آھيون؟ جيڪا قوم اسان جي اچوڪن عظيم شاعرن ۽ اديبن جھڙو لافاني ۽ بي‌مثال شعر ۽ ادب پيدا ڪري سگھي ٿي، جيڪا قوم اسان جي اچوڪي انقلابي نوجوان نسل جھڙو اعليٰ انساني فصل اپائي سگھي ٿي تنھن کي گھٽ ۽ پوئتي چوڻ وارا يا بيوقوف يا بي‌ايمان آھن.“

Gul Hayat Institute

آئي ۽ بدن ۾ سياڙو وٺي ويس. هڪ لحظي کان پوءِ سندس چپ وري کليا. پر سندس آواز بدليل هو.

”حضرات، منهنجي خيال ۾ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون ۽ بهتر آهي ته صاف گوئيءَ کان ڪم وٺون. اسان جي سپرد هڪ نهايت نازڪ فرض آهي. هن علائقي ۾ اها ذميواري اسان تي رکيل آهي ته اڌ ڪروڙ سنڌين کي آفيمي پنڪين مان بيدار ٿيڻ نه ڏيون. ڪو پاڻ سجاڳ ٿئي يا ٻين کي سجاڳ ڪرڻ جي شرارت ڪري، ته ان کي رستي مان هٽائي ڇڏيون. بدقسمتيءَ سان اسان جي وڏن ليڊرن کي اندازو ٿي ڪونهي ته اسان جي اڳيان ڪيڏيون مشڪلاتون آهن. هو سمجهن ٿا ته مذهب هڪڙي اهڙي زرهه آهي، جنهن کي پهري اسين سلامتيءَ سان جيڪي وڻي، سو ڪري ٿا سگهون. پر اوهان کي خبر آهي ته هتي ماڻهن ۾ ۽ خاص ڪري نوجوانن ۾ وطن جي نالي تي ڪيڏي نه شوزش آهي. خير، خدا جي فضل و ڪرم سان اسان مڙس ٿي منهن ڏنو آهي ۽ هرهنڌ سنڌين جي تعداد ۾ مير جعفر ۽ مير صادق تيار ڪيا آهن، جي اسان جي حڪمن مطابق عمل ڪري، سنڌيت جي تحريڪ جي پٺ ۾ ڇرا هڻي رهيا آهن. اسان جي هٿ ۾ هڪ روزاني سنڌي اخبار آهي جا رات ڏينهن سنڌين جي ٽي خرچ سان سنڌي نوجوانن جي پويان باهه پاريو بيٺي آهي. چغليون هڻڻ، منافقيون ڪرڻ ۽ انتشار ڦهلائڻ ۾ سي.آءِ.ڊيءَ کي مات ڏيو بيٺي آهي. اسان صالح سنڌي، اخبار وسيلي، پنهنجي سنڌي مريدن هٿان سنڌين جي خلاف زهر ڦهلائيندا رهون ٿا. سنڌي شام کي بند ڪرائڻ، سنڌي شاگردن ۽ اديبن ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ ٻين اهڙن نيڪ ۽ صالح ڪمن ۾ اسان توقع کان وڌيڪ نوان ۽ شاندار ڪم ڪيا آهن. انهيءَ کان سواءِ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ خاطر اسان تازو سنڌين جي ڪن مطالبن جي تائيد ڪرڻ جو به ڍونگ رچايو آهي.“

اهو بزرگ اڌ ڪلاڪ ڳالهائيندو رهيو. ان بعد، ٻين مقررن به تقريرون ڪيون. جن تفصيل سان انهن اٽڪلن، حرفتن

# اڄ آڳيڙيا آڳيا...

ساڄن مهاڻي سان منهنجي دوستيءَ کي ويهه سال ٿيا آهن. ان وچ ۾ ڪئين لاهيون چاڙهيون ۽ تڏيون ڪوسيون آيون آهن. پر ڪڏهن به سَنڌو ڪونه پيو آهي. نڀايو اچون.

اٽڪل ويهارو سال اڳ، هڪڙي ڏينهن سب جج جي ڪورٽ ۾ ويٺو هوس ته ساڄن کي پوليس ڏنڊا ٻيڙيون هڻي وٺي آئي. ساڻس ٻه سنڌي پاڙي ڪي سوٽ ماسات ۽ ڪي ٻيا هئا. ڪل ۹ مڙس هئا. ڪورٽ جي ورانڊي ۾ چؤنڪو ٿي ويٺي! ڪو ”ساڄن مهاڻو او اهو اٿئي او!“ ڪو چوي ”زبردست ڌاڙيل آهي، ٽي خون ڪيا اٿس!“ ڪو چئي، ”هيئنر به خون ۾ آهي.“ هرڪو نئون فوجداري وڪيل خواب لهندو آهي ته منهنجا اهڙا مشهور ۽ نالي‌را اصيل هجن ۽ آءٌ به اهڙا اهڙا وڏا ۽ ڏکيا ڪيس هلائي سگهان. جيڪي وڪيل اهڙا وڏا ۽ ڏکيا ڪيس هلائيندا آهن، تن کي ننڍا ۽ نوان وڪيل طلسمي ديو ڪري سمجهندا آهن ۽ ڪين پير ڪري پوڄيندا آهن. آءٌ به تن ڏينهن ننڍو ۽ نئون وڪيل هوس. مون به اتي ويٺل ٻين ننڍن وڪيلن وانگر دل ۾ سوچيو ته ”اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو، جڏهن ماڻهو چوندا ته ’انهن مڙسن جو وڪيل او اهو پيو اچي!‘“

ڪجهه دير ڪان پوءِ منهنجو منشي مرڪندو مون ڏانهن آيو. چيائين ته ”جي دل جهلين ته اڄ ڪم هڪڙو زبردست ٿي سگهي ٿو!“ پڇيم ”ڪهڙو؟“ چيائين ”ساڄن مهاڻي جو ڪيس پاڻ کي ملي ته ڪيئن؟!“ مون چيس ”اهي هوائي خبرون ڇڏ! ڪم جي ڳالهه ڪر!“ خير، خبر پيئي ته همراهه جو ڪراچيءَ

سيٺيون جيڪي پنهنجي مطلب ۽ غرض لاءِ پاڻ کي ڳراڙيون پيا وجهن سي مون ۾ تو جهڙن جا مائٽ ڪڏهن به ڪونه ڏيندا. مون کي به پنهنجي پارٽيءَ جو ماڻهو سمجهه!“

هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون کي ڀاڪر پائي چيائين: ”جوان جا پٽ، تہ ٻوهه پنهنجي آهي به فتح!“

(ماهوار ”تحريڪ“، جنوري ١٩٧٨ع ۾ ڇپيل)

Gul Hayat Institute

آهن.“ مون وري تلخيءَ سان دهرايو ۽ اخبار اڇلائي ڇڏيم. ٻئي ڏينهن ساڳي اخبار ۾ وڏين سُرخين سان ٢٠٧ قيدين جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جي خبر پڙهيم. پر جيڪي ويهه پنجويهه ڄڻا نوان قيد ٿيا هئا تن جي گرفتاريءَ جي خبر ڳولي ڳولي ٿڪجي پيس، پر ڪٿي به نظر ڪانه آئي. مون اخبار ڦاڙي، پرزا پرزا ڪري ڇڏي.

(ماهوار ”تحريڪ“، مارچ ١٩٧٣ع ۾ ڇپيل)

Gul Hayat Institute

# بختاور

جنهن مهل تار آئي تنهن مهل مون. شيوءُ پئي ڪئي. ڪريم لڱل منهن سان تار واري ڪان تار ورتي، ڪيس صحيح ڏيئي، ڪاپي هٿ ۾ جهليل سيفٽي (جيڪا بيخياليءَ ۾ ساڻ کڻي ويو هئس) واپس آڻي ميز تي رکيم ۽ لفافو ڪولي، تار پڙهيم. پنهنجن هٿن ۾ نهاريم، اهي ڏڪيا ڪونه پئي. آرسيءَ ۾ منهن ڏٺم: ڪريم لڱل هوندي به سمجهيم ته ان تي ڪوبه اثر ڪونه هو. هاڻ سمورو ڌيان شيو ۾ لڳايم.

واچ ڏٺم ته ٻه لڳي ١٤ منٽ ٿيا هئا: تنهن جي معنيٰ ته سنڌ ايڪسپريس ۾ اڃا منو ڪلاڪ هو.

"ڪريما!"

"جي، بابا."

"پٽ! منهنجي بئگ تيار ڪر، مون کي ٻاهر وڃڻو آهي."

ڪريما اهڙين ڳالهين تي هريل هئي.

اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ آءُ اسٽيشن تي پهچي ويس بلڪ اسين پهچي وياسين ڇو ته ڪريما به مون سان گڏ هئي. ريل ۾ چڙهي وياسين. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر ڪان پوءِ اسان جي اسٽيشن اچي وئي.

سول اسپتال جي گيٽ تي پهچي، ڪريما کي چيم: "مون توکي ٻنهي نٿي آندو پر تون ڦڏو ڪري زبردستيءَ آئي آهين، نيڪ؟"

"ها بابا."

"توکي پنهنجو واعدو ياد آهي؟"

ان سلسلي ۾ سڄي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي دورن تي به وڃي، اخبارون ۽ رسالا پڙهي، بحث مباحثا به ڪري. سڄو ڏينهن پڇ پڇ به لايو ويٺي هوندي آهي. سيني کي نصيحتون به پئي ڏيندي. وچٽ هوندي به سيني جي وڏي امان ٿيو ويٺي هوندي. منهنجي سڏ تي بہ ڊوڙندي اچي، چرچا ۽ اهلون ڪري، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، کيلي ۽ کلائي به. وطن، عوام، ٽين دنيا، سامراج ۽ بدلجندڙ عالمي صورتحال جي ڳڻتي به سيني کان وڌيڪ کيس ئي هوندي آهي. گهر ۾ به تنقيد ۽ خود تنقيد جون گڏجاڻيون پئي ڪرائيندي. جيڪڏهن منهنجي ڪا ڳالهه نہ وڻنديس تہ ڪاوڙجڻ بدران چوندي، ”بابامنهنجي توهان تي تنقيد آهي. جڏهن واندا ٿيو نڏهن تنقيدي گڏجاڻي ڪنداسين.“ سندس ڪاپين تي قسمين قسمين قول لکيا پيا هوندا، مثال طور ”مطالعو، تنظيم، جدوجهد“، ”عمل نظرئي بنان انڌو آهي“، ”نظريو عمل بنان لولو لنگڙو آهي“، ”تنظيم جدوجهد لاءِ، جدوجهد تنظيم لاءِ“، ”سادي رهڻي ڪهڻي ۽ اڻانگي جدوجهد“، ”وقت جي پابندي ۽ رازداري“، ”ڇڙواڳي خلاف جدوجهد ڪريو“ وغيره وغيره.

هڪڙي ڏينهن پڇڻ لڳي، ”بابا، ڀلا ٻڌائي وٺ تہ جوينل ڪير هو؟“ مون وراڻيو: ”جوينل يا جوينال (Juvenal) رومي شاعر هو. اڄ کان ١٩ صديون اڳ جو ڇو؟ جوينل کي ڇا ٿيو آهي؟“

چيائين: ”مون پڙهيو آهي تہ هو ان وقت جي ظالمن جي مڪر، منافقي ۽ ظلم خلاف شعر چوندو هو؟“

مون وراڻيو: ”بلڪل! اهو سندس ئي قول آهي تہ ”ڪاوڙ شعر لکائي ٿي!“

تنهن ڏينهن شيو پئي ڪم تہ ٻاهران چوندي آئي: ”بابا!“

مون چيو: ”جي بابا!“

”بابا، ڪنهن سان پيو وڙهين؟“

”ڪنهن سان بہ نہ!“

Gul Hayat Institute

ايتري ۾ چپ وري چڙيا. ڪريما نيوڙي سندس ڳالهه پڌي ٺهڪ ڏيئي چيو: ”بابا خبر اٿئي ڇا پئي چوي؟ هنئن ڇمات هٿائين! ڇري ڇٽي تي ايڏي تڪليف ڇو ڪئيو؟“

اسين ان ڏينهن موٽي گهر آياسين ۽ پئي هفتي موٽي وياسين ۽ هر هفتي ايندا رهياسين. ان وچ ۾ سندس ٻار، سندس ماءُ پيءُ، ياءُ، پيڻ به اچي ويا هئا. سندن تنظيم جون ڪئين ساٿياڻيون به ياڻرن يا مڙسن يا لٺي پٽي وڏين ماين سان گڏجي اسپتال ۾ پئي آيون ويون. هرڪنهن وس آهر سندس هٿ تي ڪجهه نه ڪجهه رکيو. ڪي بيدا، ڪي گيهه مکڻ ڪٺي آيون. اسپتال ۾ سڀ ڪيس ياڳيريءَ جي نالي سان سڏڻ لڳيون. ڪريما ڪين سمجهايو هو ته اهو نالو مٽس سٺهرن رکيو هو.

ٻن مهينن ڪان پوءِ هوءَ ٺيڪ ٺاڪ ٿي وئي. ڏينهن ٻن ۾ سندس اسپتال مان موڪل ٿيڻي هئي. ڪانئس موڪلائڻ مهل مون ڪيس آهستي چيو: ”ياڳيري! ڇٻو هن ييري ماڻهو پاڻ کي ملهه ماري ويا!“ ڪيس ڇڻ ڪنهن وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو،

”ڇو بابا؟“

بسڻس چيو: ”ادا ٺن الله مارين کي ڏيئڙيءَ جي بندوق جي فيرن سان ڪرندي ته مون پنهنجين هنن گنهگار اکين سان ڏٺو وڏيڪ جي پاڻ کي خبر ڪانهي.“

مون چيو: ”ياڳيري! تون واقعي بختاور آهين! هن نئين دور جي بختاور.“

Gul Hayat Institute

# ليکڪ جو تعارف

نالو: رسول بخش علي محمد پليجو.

ڳوٺ جو نالو:
منگر خان پليجو، لڳ جنگشاهي، ضلعو ٺٽو.

ڄمڻ جي تاريخ:
٢١- جنوري، ١٩٢٩ع.

تعليم:
پرائمري: جنگشاهي، ميٽرڪ ۽ انٽر، سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي، ايل ايل بي، جناح اسلاميه ڪاليج، ڪراچي.

ڌنڌو:
وڪالت.

ليکڪ جا ڪتاب:
"انڌا اونڌا ويڄ"، "جيڪي ٻنگال سان ٿيو"، "[illegible] ڪهاڻي"، "انقلاب ۾ ادب ۽ فن جي اهميت"، "ڌرتيءَ جا ڏک"، "ڳالهيون ڳنوارن جون"، "صبح ٿيندو"، "سنڌي ذات هنجن" ۽ "ٻسي ڳاڙها گل".

ان کان علاوه انڳڻيا سياسي، ادبي ۽ تنقيدي مضمون، نثري نظم، شعر ۽ مقالا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن.

Gul Hayat Institute